باب
# 6 جديد دوائن جو صحيح ۽ غلط استعمال

دوائن جي دڪانن ۽ ڳوٺن جي هٽن تي ملندڙ ڪي دوائون تمام گهٽيون ڪارائتيون تي سگهن ٿيون. جڏهن ته ڪيتريون ڪنهن به ڪم جون نه ٿيون ٿين. دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ 60,000 کن وڪامجندڙ دوائن مان، صحت جي عالمي اداري (WHO) مطابق رڳو 200 کن ضروري آهن.

ان ڪانسواءِ ماڻهو، ورلي بهترين دوائن جو غلط استعمال ڪري فائدي بجاءِ پاڻکي وڏيڪ نقصان پهچائين ٿا. انهن جي ڪارائتي ٿيڻ لاءِ اهي صحيح طريقي سان استعمال ڪرڻ گهرجن.

گهڻا ماڻهو جن ۾ ڊاڪٽر ۽ هيلٿ ورڪر به شامل آهن، ضرورت کان تمام گهڻيون دوائون لکي ڏيندا آهن ۽ ائين هرويرو بيماريون ۽ موت جو سامان پيدا ڪندا آهن.

**ڪنهن به دوا جي استعمال سان ان جا ڪي خطرا به ٿين ٿا.**

ڪي دوائون ٻين کان وڌيڪ خطرناڪ ٿين ٿيون. بدقسمتيءَ سان ماڻهو ورلي، تمام خصيص بيمارين لاءِ انتهائي خطرناڪ دوائون استعمال ڪندا آهن. (مان هڪ ابهم ڪي مرندي ڏٺو جو سندس ماءُ ڪيس زڪام لاءِ هڪ خطرناڪ دوا، ڪلورام فينيڪال ڏني هئي) هلڪي ڦلڪي بيماريءَ لاءِ خطرناڪ دوا بنهه استعمال ڪرڻ نه گهرجي.



**ياد رکو:** دوا ماري به سگهي ٿي.

**دوا جي استعمال ڪرڻ جون هدايتون:**

1. دوائون رڳو ضرورت وقت استعمال ڪجن.
2. استعمال ڪندڙ دوا جي صحيح استعمال ۽ ان جي احتياطن جي ڄاڻ رکو (ڏسو ساوا صفحا)
3. دوا درست وزن ۾ استعمال ڪريو.
4. جيڪڏهن دوا اثر نه ڪري يا ڪو مسئلو پيدا ڪري ته هڪدم استعمال ڪرڻ بند ڪريو.
5. جڏهن دوا بابت ڪو به شڪ هجي ته ڪنهن هيلٿ ورڪر سان صلاح ڪريو.

**نوٽ:** ڪي هيلٿ ورڪر ۽ گهڻا ڊاڪٽر تڏهن به دوائون ڏيندا آهن جڏهن انهن جي ضرورت نه هوندي آهي، جو عام طور تي سمجهندا آهن مريض دوا چاهي ٿو ۽ جيستائين ڪيس نه ڏبي ته مطمئن نه ٿيندو. تنهنڪري ڊاڪٽر يا هيلٿ ورڪر کي چئو ته توهان دوا تڏهن استعمال ڪندؤ جيڪڏهن اها استعمال ڪرڻ ضروري هوندي. ائين توهانجو نه رڳو پئسو بچندو پر توهانجي صحت به سلامت رهندي.

**دوا تڏهن استعمال ڪريو جڏهن توهانکي يقين هجي ته اها ضروري آهي ۽ ان جي استعمال ڪرڻ جي خبر هجي.**

# دوا جو سڀ کان وڏيڪ خطرناڪ غلط استعمال

هت، اهڙين وڌ ۾ وڌ عام ۽ خطرناڪ غلطين جو وچور ڏجي ٿو جيڪي ماڻهو، جديد دوائن جي استعمال دوران ڪندا آهن. هينين دوائن جي غلط استعمال سبب هر سال ڪيترا ماڻهو مري وڃن ٿا، تنهنڪري خبردار رهو!

**1. ڪلورام فينيڪال** (ڪلوروماڻيسيٽين، ص. 357)



هيءَ دوا عام رواجي دستن ۽ اهڙين ٻين خصيص بيمارين لاءِ عام جام استعمال ڪئي وڃي ٿي، جيڪا هڪ وڏي بدقسمتي آهي، جو هيءَ دوا گهڻي خطرناڪ آهي. تنهنڪري اها رڳو سنگين بيمارين جهڙوڪ ٽائيفائيڊ (ڏسو ص. 188) لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي. نون ڄاول ٻارڙن کي ته بنهه ڏيڻ نه گهرجي.

**2. آڪسي ٽاسن، پٽيوٽرن ۽ ارگونووِن** (ارگوٽريٽ، ص. 391)



بدقسمتيءَ سان کي دايون، ويم کي تڪڙو ڪرڻ يا ماءُ کي ويم ڪرڻ ۾ سگهه ڏيڻ لاءِ مٿئين دوائن جو استعمال ڪن ٿيون، جيڪا هڪ تمام خطرناڪ ڳالهه آهي، جو انهن سبب ماءُ يا سندس ٻار مري سگهي ٿو. اهي دوائون ٻار ڄمڻ کانپوءِ رڳو رت هير بند ڪرائڻ لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجن (ڏسو ص. 266).

**3. ڪنهن به دوا جي انجيڪشن**



عام طور تي اها هڪ اجائي سوچ آهي ته انجيڪشن هر حالت ۾ وات رستي واپرائجندڙ دوائن کان بهتر ٿئي ٿي. گهڻين حالتن ۾ وات رستي واپرائجندڙ دوائون به ايتريون ئي اثرائتيون ٿين ٿيون جيتريون ڪ انجيڪشنون يا انهن کان به بهتر. **ڪيتريون دوائون جڏهن انجيڪشن رستي ڏنيون وڃن ته وڏيڪ خطرناڪ ثابت ٿي سگهن ٿيون** بنسبت وات رستي واپرائڻ جي. جنهن ٻار کي هلڪو پوليو هجي (منجهس رڳو cold جون نشانيون هجن) تنهن کي انجيڪشن هڻڻ سان اڌ رنگو ٿي سگهي ٿو (ڏسو ص. 74). تنهنڪري انجيڪشن جو استعمال انتهائي محدود هجڻ گهرجي. (باب 9 ڏيان سان پڙهي ڏسو).

**4. پينسلين** (ص. 351)

پينسلين رڳو ڪن قسمن جي بيمارين/ انفيڪشنن لاءِ اثرائتي آهي. تنهنڪري پينسلين جو موچ، نيرجڻ (bruises) يا ڪنهن به قسم جي سور يا بخار لاءِ استعمال ڪرڻ هڪ تمام وڏي غلطي آهي. هڪ اصول مطابق، جن زخمن سبب چمڙي چيرجي نه پوي، پوءِ پلي ته ڪيتريون به وڏيون رهڙون ڇو نه هجن تن سبب انفيڪشن ٿيڻ جو خطرو نٿو رهي. انهن جي علاج لاءِ پينسلين يا ڪنهن ٻئي قسم جي ائنٽي بايوٽڪ ڏيڻ جي ضرورت نه ٿي ٿئي. نزلي زڪام (ڏسو ص. 163) لاءِ به نه ته پينسلين ۽ نه ئي ڪنهن ٻئي قسم جي ائنٽي بايوٽڪ اثرائتي ٿئي ٿي.

ڪن فردن لاءِ پينسلين خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي. تنهنڪري استعمال کان اڳ ان جي خطرن ۽ اپائن لاءِ اوس هوشيار رهجي - ڏسو صفحا 70 ۽ 351.

**5. ڪيناماڻيسن ۽ جينٽاماڻيسن** (گئراماڻيسن، ص. 359)

هنن دوائن جي گهڻي استعمال سبب لکين ننڍا ٻارڙا ٻوڙا ٿي ويا آهن، تنهنڪري ٻارڙن کي اهي رڳو موتمار انفيڪشن جي حالت ۾ ته ابهمن کي رڳو موتمار بيمارين جي حالت ۾ ڏيڻ گهرجي. نون ڄاول ٻارڙن کي ٿيندڙ ڪيترين بيمارين/ انفيڪشنن جي لاءِ امپيسيلن به ايترو ئي سنو اثر ڪري ٿي ۽ اها تمام گهٽ خطرناڪ به آهي.

6. **دستن جون اهي دوائون جن ۾ هائڊرو آڪسي ڪيونولائينس (ڪليوڪيونول، ڊاءِ - آيوڊو هائڊرا ڪسي ڪيونولائين، هال ڪيونال، براڪسي ڪيونولائين:** ڊايوڊوڪوئن، انٽيروڪيونول، ائمي ڪلائين، ڪيوگائيل ۽ ٻيا ڪيترائي برانڊ) (ص. 370)

ماضيءَ ۾ دستن جي علاج لاءِ **ڪليوڪونول** دوائون عام جام استعمال ڪيون وينديون هيون. اڄ انهن خطرناڪ دوائن تي گهڻن ملڪن ۾ بندش آهي. جڏهن ته ڪن ملڪن ۾ اڃا به وڪامجن ٿيون. اهي دائمي اڌرنگو، نابينائپ ۽ موت جو سبب بڻجي سگهن ٿيون. دستن جي علاج لاءِ ڏسو. باب 13

7. **ڪارٽيسون ۽ ڪارٽيڪو اسٽيروائڊ (پريڊ نيسولون، ڊيڪساميٿاسون** ۽ ٻيون)

اهي سوزش گهٽائيندڙ طاقتور دوائون آهن ۽ ورلي دم، سنڌن جي سور جي سخت حالت ۽ ائلرجي جي سنگين حملن لاءِ به استعمال ڪرايون وڃن ٿيون. گهڻن ملڪن ۾ هلڪن ڦلڪن سورن ۽ دردن جي درمان طور ڏنيون وڃن ٿيون جو عام طور تي ترت اثرائتيون ٿين ٿيون، جيڪا هڪ تمام وڏي غلطي آهي جو اسٽيروائڊ دوائون سنگين يا خطرناڪ اڳرا اثر پيدا ڪن ٿيون. خاص طور تي جڏهن وڏي وزن ۾ يا چند ڏينهن کان وڌيڪ استعمال ڪجن ته اهي جسم جي، انفيڪشنن گهٽائڻ جي طاقت گهٽائي ڇڏين ٿيون. سله کي وڌيڪ پيچيده، معدي جي السر هجي ته منجهانئس رت هير ڪرائڻ ڪانسواءِ هڏن کي ايترو ڪمزور ڪري ڇڏين ٿيون جو اهي جلد ڀڄي پون ٿا.

8. **ائنابولڪ اسٽيروائڊ، (نئنڊرولون ڊيڪانوئيٽ،** ڊيورابولن، ڊيڪاڊيورابولن، اورابولن، **اسٽانوزولول،** سيٿابان؛ **آڪسي ميٿالون،** ائناپولون؛ **اٿائيل ايسٽرينول،** آرگانابورل. اهڙا ٻيا به ڪيترائي برانڊ آهن.

ائنابولڪ اسٽيروائڊ، مرداڻن هارمونن مان ناهيا وڃن ٿا ۽ غلطي وچان ٻارڙن جي طاقت ڏيندڙ شربتن ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا ته جيئن انهن جو وزن وڌائي ۽ واڌ ڪرائي سگهن. اهڙو ٻار، شروعات ۾ ته جلد واڌ ڪري ٿو پر پوءِ جلد ئي سندس واڌ بند ٿي وڃي ٿي ۽ ننڍڙو ٿي رهي ٿو، بنسبت ان حالت جي جڏهن دوا نه استعمال ڪرڻ سان واڌ ڪندو رهي ها. ائنابولڪ اسٽيروائڊ جا تمام خطرناڪ اڳرا اثر پيدا ٿين ٿا. جهڙوڪ ڇوڪرين جي منهن تي ڇوڪرن جيان وار پيدا ٿين ٿا جيڪي دوائن بند ڪرڻ ڪانپوءِ به سدائين نڪرندا رهن ٿا. تنهنڪري ٻارڙن کي طاقت ڏيندڙ شربت ڏيڻ نه گهرجن. ان بجاءِ ٻارڙن جي واڌ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ اهو پئسو ڪاڌي خريدڻ تي خرچ ڪرڻ گهرجي.

9. **سنڌن جي سور جون دوائون:** (**بيوٽازونز: آڪسي فين بيوٽازون، اميڊوزون ۽ فينائيل بيوٽازون، بيوٽازوليڊن)**

سنڌن جي سور جون اهي دوائون خطرناڪ ته ورلي رت جون موتمار بيماريون (اگرئنيولوسائيٽوسس) پيدا ڪن ٿيون. معدي جيري ۽ ٻڪين کي تباهه ڪري سگهن ٿيون. تنهنڪري اهي خطرناڪ دوائون استعمال نه ڪجن. سَنڌن جي سور لاءِ ائسپرين (ص. 379) يا آبيوپروفين (ص. 380) وڌيڪ سلامتي واري ۽ سستي آهي. رڳو سور ۽ بخار لاءِ ائسيٽامينوفين (ص. 380) استعمال ڪري سگهجي ٿي.

10. **وٽامن بي 12، جيري جو ست ۽ فولاد جون انجيڪشنون** (ص. 393)



وٽامن بي 12 يا جيري جي ست جون انجيڪشنون نه ته رت پوٽائي گهٽائين ٿيون ۽ نه ئي ڪمزوري ختم ڪن ٿيون. سواءِ ڪن حالتن جي، انهن جي هڻن سان ڪي خطرا به ٿين ٿا. اهي رڳو تڏهن هڻڻ گهرجن جڏهن ڪنهن ماهر هڻائڻ لاءِ چيو هجي ۽ رت به ٽپاسي هجي. انڪانسواءِ فولاد جي انجيڪشن انفيران (Inferon) وغيره نه هڻائجي. رت پوٽائي ختم ڪرڻ لاءِ فولاد جون گوريون سلامتي واريون ۽ ايتريون ئي اثرائتيون ٿين ٿيون (ڏسو ص. 124).

11. **بيون وٽامنون** (ص. 392)

هڪ اصول مطابق **وٽامنن جي انجيڪشن نہ هڻائجي**. انجيڪشنون وڏيڪ مهانگيون، وڏيڪ خطرناڪ ۽ عام طور تي گورين کان وڏيڪ اثرائتيون نہ ٿيون ٿين.

بدقسمتيءَ سان، ڪيترا ماڻهو پنهنجا قيمتي پئسا شربتن، طاقت جي دوائن ۽ وٽامنن جي اڪسيرن تي خرچ ڪن ٿا. انهن مان گهڻن ۾ گهربل وٽامنون نہ ٿيون ٿين (ڏسو ص. 118) پرجي اهي منجهن هجن بہ تڏهن بہ انهن بجاءِ سياٽپ وڏيڪ ۽ سٺي کاڌ خوراڪ کائڻ آهي. جسم ناهيندڙ ۽ بچاءُ ڏيندڙ کاڌا جهڙوڪ: مٽر، ڦريون، آنا، گوشت، ميوو، سايون ڀاڄيون ۽ سڄو اناج وٽامنن ۽ ٻين غذائي وکرن سان ٽمٽار ٿين ٿا. (ڏسو ص. 111) ڪنهن بہ سنهڙي ۽ ڪمزور فرد کي سنو کاڌو جام کارائڻ عام طور تي بهتر ٿئي ٿو، بجاءِ ان جي تہ کيس وٽامن ۽ معدنيات جا واڌو وزن ڏجن.

**چڱي ڀلي کائيندڙ فرد کي واڌو وٽامنن جي ضرورت نہ ٿي ٿئي.**

**وٽامنن حاصل ڪرڻ جو بهترين طريقو:**




وٽامنن بابت وڏيڪ معلومات، تہ اهي ڪڏهن ضروري آهن ۽ ڪهڙن کاڌن ۾ ٿين ٿيون، پڙهو باب 11، خاص طور تي صفحا 111 ۽ 118

## 12. گاڏڙ دوائون

ڪڏهن ڪڏهن ٻہ يا ٻن کان مٿي دوائون ملائي هڪ ئي گوري يا طاقت جو شربت ناهيو وڃي ٿو. عام طور تي ائين نهندڙ دوائون گهٽ اثرائتيون ۽ وڏيڪ مهانگيون ٿين ٿيون. ورلي **فائدي بجاءِ وڏيڪ نقصان ڏين ٿيون**. جيڪڏهن ڪو اهڙيون گاڏڙ دوائون لکي ڏئي تہ کيس چئو تہ رڳو اها دوا لکي ڏئي جنهن جي واقعي ضرورت آهي. نہ تہ، اهڙين دوائن تي پئسو نہ وڃايو.

اهڙيون ڪجهہ گاڏڙ دوائون جن جو استعمال نہ ڪرڻ گهرجي، سي آهن:

- **ڪنگهہ جون دوائون** جن ۾ ڪنگهہ گهٽائيندڙ ۽ بلغم خارج ڪندڙ دوائون ٿين (ڪنگهہ جون دوائون هميشہ بيڪار ۽ پئسي جو زيان ٿئي ٿو، چاهي گاڏڙ هجن يا نہ).
- **اينٽي بايوٽڪ** جن ۾ **دستن جون دوائون** بہ ٿين.
- **اينٽاسڊس** (antacids) جن ۾ معدي جي السر ۽ معدي جون ڳڊيڙيون گهٽائيندڙ دوائون ٿين ٿيون.
- ٻہ يا ٻن کان مٿي سور جون دوائون (ائسپرين سان ائسيٽامينوفين - ورلي ڪئفين سميت)

### 13. ڪئلشم



جيڪڏهن رڳ ۾ ڪئلشم جي انجيڪشن تمام آهستگيءَ سان نہ هڻئي وڃي تہ انتهائي خطرناڪ ۽ جهٽ پٽ ۾ ماري سگهي ٿي. ٻنڊڙن ۾ ڪئلشم جي انجيڪشن ورلي، گهڻا سنگين زخم ۽ انفيڪشن ڪري سگهي ٿي.

**ڊاڪٽر جي صلاح ڪانسواءِ ڪئلشم جي انجيڪشن ٻنهہ هڻڻ نہ گهرجي!**

**نوٽ:** ميڪسيڪو ۽ اهڙا ٻيا ملڪ جتي ماڻهو اهڙا ڪاڏا، جن ۾ جهجهو چونو ٿئي، واپرائين ٿا اتي ڪئلشم جون انجيڪشن يا طاقت جا شربت (جيئن عام طور تي 'طاقتور ڪرڻ' يا 'ٻارن جي واڌ ڪرائڻ' لاءِ) ڏيڻ بيوقوفي آهي. چو تہ، جسم گهربل ڪئلشم چوني مان حاصل ڪري ٿو.

### 14. رڳ رستي (ڊرپ) طاقت پهچائڻ

ڪن اهڙن علائقن جا ماڻهو، جڏهن رت جي پوٽائيءَ جو شڪار يا ڪمزور ٿي وڃن ٿا تہ پنهنجو آخري پئسو بہ رڳ رستي ڊرپ هڻائڻ / ٽيلهي چڙهائڻ تي خرچ ڪري ڇڏين ٿا. جو سندن ويساهہ هوندو آهي تہ ائين ڪرڻ سان هو طاقتور ٿي ويندا ۽ رت بہ مڇي ويندي. جڏهن تہ، اهي غلط هوندا آهن! رڳ رستي لڳندڙ ڳار، نج پاڻيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نتو ٿئي جنهن ۾ ڪجهہ لوڻ يا ڪنڊ بہ ملائي وڃي ٿي. ڪنهن وڏي ڪٽمنڙي / ٽافيءَ جي پيٽ ۾ ڊرپ گهٽ طاقت ڏئي ٿي ۽ رت کي گهاٽي ڪرڻ بجاءِ رهندو چڊو ڪري ڇڏي ٿي. اها نہ تہ رت جي کوٽ پوري ڪري ٿي ۽ نہ ئي ڪمزور شخص کي طاقتور بڻائي ٿي.

ان ڪانسواءِ، جيڪڏهن ڪو ناتجربيڪار فرد رڳ ۾ ڊرپ هٽي، تڏهن رت ۾ ڪنهن انفيڪشن ٿيڻ جو بہ خطرو رهي ٿو. ان سبب اهڙو بيمار فرد مري بہ سگهي ٿو.

رڳ رستي ڳار رڳو تڏهن استعمال ڪجي جڏهن ڪو فرد وات رستي ڪجهہ بہ ڪائي پي نہ سگهندو هجي يا جڏهن سخت سوڪهڙي جو شڪار ٿيو هجي (ڏسو ص. 151)

**جيڪڏهن بيمار فرد ڳهي سگهي ٿو تہ ڪيس هڪ لٽر پاڻيءَ ۾ ٿورڙي ڪنڊ ۽ لوڻ ملائي ڏيو (ڏسو ريهائيڊريشن ڊرنڪ / نمڪول، ص. 152) ان سان بہ ڪيس ايترو فائدو ٿيندو جيترو هڪ لٽر ڊرپ هڻڻ سان.** جيڪي فرد ڪائي سگهن ٿا تن کي طاقتور ڪاڌا وڌيڪ سگهارو بڻائين ٿا، بنسبت ڪنهن بہ قسم جي ڊرپ جي.

**جيڪڏهن بيمار پي سگهي ٿو ۽ الٽي نتو ڪري تہ . . .**



# دوا ڪڏهن نہ کائڻ گهرجي؟

گهڻن ماڻهن جو ويساهہ ٿئي ٿو تہ دوائن کائڻ واري عرصي ۾ ڪين ڪي ڳالهيون نہ ڪرڻ ۽ ڪي شيون کائڻ نہ گهرجن. ان سبب هو ضروري دوائون کائڻ بہ بند ڪري ڇڏيندا آهن. جڏهن تہ، حقيقت ۾ ڪا بہ دوا ان سبب نقصان نہ ٿي پهچائي تہ اها ڪن کاڌن سان گڏ ورتي ويئي آهي - وڏو گوشت، مرچ، زيتون، موسمي وغيره. جڏهن تہ گهڻا سٽيا ۽ مرچن مصالحن وارا کاڌا معدي يا آنڊي جي تڪليفن کي بدتر ڪري ڇڏين ٿا. پوءِ چاهي ڪا دوا کاڌي وجي يا نہ (ڏسو ص. 128). جيڪڏهن اهڙو فرد شراب پيئندو رهي تہ ڪي دوائون خراب ردعمل ڪن ٿيون. (ڏسو ميٽرونيڊازول ص. 369)

ڪي اهڙيون حالتون جن دوران بنا ڪنهن شڪ جي ڪي دوائون بنهہ استعمال نہ ڪرڻ گهرجن.



1. ڳورهاريون يا ٻُڪ ڏارائيندڙ عورتن کي ڪنهن بہ قسم جي دوا، سواءِ انتهائي ضرورت جي استعمال ڪرڻ نہ گهرجن. (اهي محدود وزن ۾ وٽامن ۽ فولاد جون گوريون کائي سگهن ٿيون).

2. نئين ڄاول ٻار جي حالت ۾ تہ انتهائي خبردار رهڻ گهرجي. معصومن کي ڪنهن بہ قسم جي دوا ڏيڻ کان اڳ۾ ڪنهن ماهر سان صلاح ڪجي. دوا ڪڏهن بہ وڌيڪ وزن ۾ نہ ڏجي.



3. جيڪڏهن ڪنهن فرد کي ڪڏهن بہ پئنسلين، امپيسلين، ڪنهن سلفونامائيڊ يا ٻي ڪنهن دوا سبب ائلرجيءَ جو ردعمل جهڙوڪ: خارش ۽ داڻ داڻ وغيره ٿي آهي تہ اهڙي فرد کي اها دوا، وري زندگي ۾ ڪڏهن بہ استعمال نہ ڪرڻ گهرجي، جو اها سندس لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي. (ڏسو خطرناڪ ردعمل، ڪن دوائن جي انجيڪشن سبب ص. 70)



4. جن فردن کي معدي جي السر يا اگاري/ڇار اوڳرائيءَ جي شڪايت رهي ٿي تن کي ائسپرين وارين دوائن کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. ڪيٽريون سور ماريندڙ ۽ هڙئي ائسٽيروائڊ دوائون (ڏسو ص. 51) السر پيدا ڪن ۽ تيزابي بدهاضمي هجڻ جي حالت ۾ انهن کي رهندو بگاڙي ڇڏين ٿيون. هڪ اهڙي سور ماريندڙ دوا جيڪا معدي کي مشتعل نہ ٿي ڪري ائسيٽامينوفين (پئراسيٽامول، ڏسو ص. 380) آهي.

5. ڪي اهڙيون مخصوص دوائون بہ آهن جيڪي جڏهن ڪن بيمارين جي حالت ۾ ونجن ٿيون تہ هاجيڪار يا خطرناڪ ثابت ٿين ٿيون. جهڙوڪ: هيپيٽائيٽس ۾ مبتلا فردن کي ڪڏهن بہ ائنٽي بايوٽڪ يا ٻيون طاقتور دوائون ڏيڻ نہ گهرجن. ڇاڪاڻ تہ سندن جگر تباهہ حال هجڻ سبب ممڪن آهي تہ اهڙيون دوائون جسم کي وڌيڪ زهريلو ڪري ڇڏين.

6. سوڪهڙي جي شڪار (سوڪهڙيل) ۽ بڪين جي بيمارين ۾ مبتلا فردن کي، خاص طور تي دوائن ونڻ جي حالت ۾ محتاط رهڻ گهرجي. اهڙيءَ ڪنهن بہ دوا جو هڪ کان وڌيڪ وزن تيستائين نہ ڏيڻ گهرجي، جيستائين ڪيس عام رواجي طرح سان پيشاب نہ ايندو هجي. جيڪڏهن ڪنهن ٻار کي تيز بخار ۽ سوڪهڙيل (ڏسو ص. 76) بہ آهي، ڪيس ايسيٽامينوفون يا ائسپرين جو هڪ کان وڌيڪ وزن نہ ڏجي، جيستائينڪ هو پيشاب ڪرڻ شروع نہ ڪري. ڪنهن بہ سوڪهڙيل فرد کي سلفا دوا بنهہ نہ ڏيڻ گهرجي.